SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1998

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1998

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعه 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance No.V of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1998

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1998

# سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1998

# THE SINDH WILD LIFE PROTECTION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

[20 مارچ، 1998]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس

جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ (ترميم) آرڊيننس، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ جهنگلي جيوت تحفظ آرڊيننس، 1972 ۾ دفعہ 17 ۾ ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئين دفعہ داخل ڪئي ويندي.

"(1_A) ذيلي دفعہ (1) جي شقن جي باوجود، جيڪو بہ هن آرڊيننس جي شقن جي خلاف ورزي ڪندي (1) سيهڙ يا (2) هرڻ، هوڳر يا سنڌ آئبڪس يا جهنگلي رڍ جو شڪار ڪري ٿو. ترتيبوار سزا ڏني ويندي. (1) هڪ لک روپيا ڏنڊ يا ٽي مهينا قيد، (2) هڪ لک پچاس هزار روپيا ڏنڊ يا ڇهہ مهينا قيد يا (3) ٽي سو روپيا ڏنڊ سان گڏ هزار روپيہ ڏنڊ نو مهينا قيد جي سزا.

1972 جي سنڌ آرڊيننس V جي دفعہ 17 جي ترميم
Amendment of section 17 of Sindh Ordinance No.V of 1972

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**